SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 1996

SINDH ACT NO.X OF 1996

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996

THE KARACHI WATER AND SEWERAGE BOARD ACT, 1996

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. بورڊ جو قيام
Establishment of Board
4. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board
5. مئنيجنگ ڊائريڪٽر
Managing Director
12. بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board
13. اپيل
Appeal
14. ڏنڊ
Penalty

15. قاعدا
Rules
16. ضابطا
Regulations
17. ضمانت
Indemnity
18. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties
20. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 1996

SINDH ACT NO.X OF 1996

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996

THE KARACHI WATER AND

SEWERAGE BOARD ACT, 1996

[24 اپريل 1996]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي ڊويزن ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ بورڊ قائم ڪيو ويندو.

جيئن ته ڪراچي ڊويزن ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ بورڊ قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

باب -I
شروعاتي

1. (1) هن ايڪٽ کي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.
(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي:

(a) "اٿارٽي" مطلب 1957 جي صدارتي آرڊر نمبر V تحت قائم ڪيل ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي؛

(b) "بورڊ" مطلب دفعه 3 تحت قائم ڪيل ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ؛

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(d) "ڪارپوريشن" مطلب ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو ماڻهو جيڪو

وقتي طور مئنيجنگ ڊائريڪٽر جون ذميواريون نڀائي رهيو هجي؛

(g) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر ۽ جنهن ۾ شامل آهن ان جا چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين؛ ۽

(h) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل.

بورڊ جو قيام
Establishment of Board

باب -II

بورڊ جي جوڙجڪ

3.(1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ بورڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ سڏيو ويندو.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

(2) بورڊ هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي هن ايڪٽ تحت ٻنهي قسم جي منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جي حقيقي وارثي ۽ اختيار سان گڏ عام مهر هوندي، ۽ڇاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) بورڊ جو دائره اختيار ڪارپوريشن جي حدن تائين هوندو ۽ ان کان ٻاهر اهڙين حدن تائين جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو وڃي.

4. (1) بورڊ حڪومت طرفان مقرر ڪيل چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ۽ هيٺين ميمبرن تي مشتمل هوندو:

1. ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ)
2. سيڪريٽري، لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ
3. سيڪريٽري، انڊسٽريز ڊپارٽمينٽ
4. سيڪريٽري، فنانس ڊپارٽمينٽ
5. سيڪريٽري، هائوسنگ ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ
6. ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ضلعي ميونسپل ڪارپوريشنز جا ميئرس
7. چيئرمين، ضلعي ڪائونسل ڪراچي

8. چيئرمين، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ
9. چيئرمين، ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪارپوريشن
10. صدر، ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز
11. مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ڪي ڊبليو اينڊ ايس بي
12. ڊپٽي ڊائريڪٽر، مليٽري لينڊس اينڊ ڪنٽونمينٽ، ڪراچي
13. چيئرمين، ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي، ڪراچي
14. ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ، پاڪستان ريلويز، ڪراچي
15. حڪومت طرفان نامزد ڪيل ڪو ٻيو شخص

(2) حڪومت ڪنهن به وقت نوٽيفڪيشن ذريعي بورڊ جي جوڙجڪ تبديل ڪري سگهي ٿي.

(3) حڪومت طرفان مقرر ڪيل غير سرڪاري ميمبر حڪومت جي مرضي سان تيستائين عهدو رکندو جيستائين کيس هٽايو نه وڃي يا حڪومت کي خط لکي اڳ ۾ استعيفيٰ نه ڏئي.

(4) بورڊ جو سيڪريٽري هوندو، جيڪو حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها طئي ڪري.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر
Managing Director

(5) مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي عام ضابطي کانسواءِ سيڪريٽري اهڙن اختيارن جو استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن ضابطن ۾ ڄاڻايل هجن يا بورڊ طرفان ان کي سونپيا وڃن.

باب -III

ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ان جا اختيار ۽ ڪم

5.(1) مئنيجنگ ڊائريڪٽر حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها

طئي ڪري.
(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.
(3) چيئرمين جي عام ضابطي موجب، مئنيجنگ ڊائريڪٽر:
(a) ضميمه ’A‘ ۾ ڄاڻايل مالي اختيارن جو استعمال ڪندو
(b) بورڊ جي منظوري سان سالياني بجيٽ يا نظرثاني ٿيل بجيٽ تيار ڪندو ۽ حڪومت کي جمع ڪرائيندو؛
(c) حڪومت کي آڊٽ رپورٽون جمع ڪرائيندو ۽ آڊيٽر طرفان ڄاڻايل غلطين جو تدارڪ ڪندو؛
(d) هن ايڪٽ تحت بورڊ جي ملازمن جي قدمن ۽ ڪارروائين تي نظر۽ ضابطو رکندو؛
(e) حڪومت يا اهڙي ڪنهن ٻئي عملدار کي جيڪو حڪومت وقت بوقت ان سلسلي ۾ نامزد ڪري، ان کي بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ منظور ڪيل هر ٺهراءَ جي ڪاپي ڏيندو؛
(f) مطلوبه معلومات، اسٽيٽمينٽ، اڪائونٽ يا رپورٽ يا ڪنهن دستاويز جي ڪاپي بورڊ طرفان جوڙيل ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي فراهم ڪندو ۽ بورڊ يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي طرفان هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب جاري ڪيل حڪم تي عمل ڪندو.
(g) حڪومت، چيئرمين ۽ بورڊ کي فراڊ، چوري، رقم يا ملڪيت جي نقصان وارن سمورن ڪيسن بابت رپورٽ ڏيندو؛
(h) اهڙا ٻيا ڪم ڪندو ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو، جيئن وقت بوقت بورڊ طرفان ڪيس سونپيا وڃن.

(4) اهڙين حدن موجب جيڪي بورڊ طرفان مقرر ڪيون ويون هجن، مئنيجنگ ڊائريڪٽر بورڊ جي ڪنهن عملدار يا ملازم کي پنهنجا ڪي به اختيار منتقل ڪري سگهي ٿو.

باب -IV

بورڊ جي چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

6.(1) ذيلي دفعه (2) موجب، چيئرمين هيٺيان اختيار استعمال ڪندو:

(a) جيستائين ڪنهن مناسب سبب ڪري ڪيس منع نه ڪيو وڃي، بورڊ جي سمورين گڏجاڻين جي صدارت ڪندو؛

(b) بورڊ جي مالي ۽ انتظامي نظام تي نظر رکندو ۽ اهڙا انتظامي ڪم ڪندو جيئن هن ايڪٽ تحت ڪيس ايراضي سونپي وئي هجي.

(c) ڪنهن هنگامي صورت ۾ بورڊ طرفان قدم کڻندو ۽ اهڙن قدمن بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڏيندو ۽ اهڙيءَ ريت کنيل قدمن جي بورڊ کان توثيق حاصل ڪندو؛

(2) جڏهن چيئرمين پاڪستان ۾ غير موجود هئڻ سبب يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري، پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪم سرانجام ڏيڻ جي لائق نه آهي ته، وائيس چيئرمين، جيستائين حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي چيئرمين جون ذميواريون ڪنهن ٻئي شخص حوالي ڪري، تيستائين چيئرمين جا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جا ڪم سرانجام ڏيندو.

(3) چيئرمين ضميمه ‘B’ ۾ ڄاڻايل مالي اختيار استعمال ڪندو.

باب -V

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

7.بورڊ:

(i) طريقيڪار موجب ۽ فيس جي ادائگي جي اجازت ڏيندي، جيئن ضابطن ۾ ڇاڻايو ويو هجي:

(a) پاڻي جا ڪنيڪشنز،

(b) ٽينڪرس کي پاڻي فراهمي؛ ۽

(c) سيوريج ڪنيڪشنز.

(ii) پاڻي جي فراهمي ۽ سيوريج سروسز لاءِ رهتن سميت فيس لڳائيندو، جمع ڪندو ۽ وصول ڪندو؛

(iii) هن ايڪٽ يا ضابطن جي گنجائشن سان تڪرار ۾ هجي ته پاڻي جي فراهمي گهٽائڻ، ملتوي ڪرڻ يا ڪاٽڻ جو اختيار حاصل هوندو؛

(iv) سرچارج مڙهڻ جو اختيار هوندو، جيڪا واجب الادا رقم کان ٻيڻ تي نه هوندي، جيڪڏهن پاڻي جي فراهمي يا سيوريج سروس يا رهتن جي سلسلي ۾ ريٽس، چارج يا فيس بورڊ طرفان طئي ٿيل وقت تي ادا ناهن ڪيا ويا؛

(v) بجيٽ گرانٽ جي روشنيءَ ۾ مڪمل مالي اختيار حاصل هوندا؛

(vi) حڪومت جي منظوري سان ضابطا جوڙيندو؛

(vii) تعمير، سڌارو، مرمت ۽ آپريشن جاري رکندو:

(a) پاڻيءَ جا ڪم، بشمول ڪوهه ۽ پاڻي گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ، پمپنگ، جمع ڪرڻ ۽ پاڻي ورهائڻ جون سهولتون مهيا ڪرڻ؛

(b) سيوريج ۽ صنعتي گند ڪچرو جمع ڪرڻ، پمپنگ، ٽريٽنگ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ سيوريج جا ڪم؛

(viii) وقت بوقت پاڻي جي سنوت جو جائزو وٺڻ ۽ پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائڻ؛

(ix) موجود اسڪيمن جو جائزو وٺندو يا پاڻيءَ جي

ڪمن ۽ سيوريج ڪمن سان لاڳاپيل نيون اسڪيمون تيار ڪندو ۽ حڪومت جي منظوري سان انهن تي عملدرآمد ڪندو؛

(x) اندروني فٽنگس سميت پاڻي جي ڪنيڪشنز، سيور لائينس ۽ سروس لائينس کي ريگيوليٽ ڪرڻ، ڪنٽرول ڪرڻ يا جاچ ڪرڻ؛

(xi) بورڊ جا اڪائونٽس ۽ رڪارڊ سنڀالڻ؛

(xii) پاڻي ۽ سيوريج ٽيرف، ريٽس، چارجز يا ان طرفان لاڳو ڪرڻ وارين فيس جو شيڊول تيار ڪرڻ ۽ حڪومت کي جمع ڪرائڻ؛

(xiii) بورڊ جي آسامين جو شيڊول تيار ڪرڻ ۽ نظرثاني ڪرڻ ۽ حڪومت کي منظوري لاءِ اماڻڻ؛

(xiv) پيئڻ جو پاڻي پيدا ڪرڻ ۽ فراهم ڪرڻ؛

(xv) ناليون، پائيپ لائينون، سيورس وغيره ٺاهڻ ۽ سنڀالڻ.

باب -VI

حڪومت جا اختيار

8. (1) بورڊ جي سالياني يا نظرثاني ٽيل بجيٽ حڪومت طرفان جاري ڪئي ويندي.

(2) سالياني بجيٽ حڪومت کي مالي سال شروع ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ ست ڏينهن اڳ جمع ڪرائڻي پوندي.

(3) حڪومت، بجيٽ ملڻ جي ٿيهن ڏينهن اندر، ان ۾ ڦير ڦار سان يا ڦير ڦار ڪانسواءِ ان کي منظور ڪندي ۽ بورڊ ڏانهن منظوري لاءِ اماڻيندي ۽ جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل طريقي موجب منظوري نه ٿي ملي، ته اهڙيءَ ريت جمع ڪرايل بجيٽ حڪومت کان بنا ڦير ڦار جي منظور ڪيل سمجهي ويندي.

(4) حڪومت، پاڻي ۽ سيوريج جي ٽيرف، ريٽس،

چارجز يا فيس جي شيڊول جي ڦير ڦار سان يا بنا ڦير ڦار جي جاري ڪندي ، جيڪا جمع ڪرائڻ جي نوي ڏينهن اندر پاڻي جي فراهمي ۽ سيوريج سروسز جي مرمت جي لاءِ اوڳاڙي ويندي.

(5) حڪومت پاڻي جي فراهمي ۽ سيوريج جي سلسلي ۾ ان کي جمع ڪرايل ڪنهن اسسڪيم جي ڦير ڦار سان يا ڦير ڦير ڦار ڪانسواءِ منظوري ڏئي سگهي ٿي يا ان کي رد ڪري سگهي ٿي.

(6) حڪومت بورڊ لاءِ پرڏيهي مٽا سٽا وارن قرضن سميت ڊگهي مدي وارا يا ننڍي مدي وارا قرض گڏ ڪري سگهي ٿي.

(7) حڪومت بورڊ کي امداد يا گرانٽ ڏئي سگهي ٿي.

(8) حڪومت بورڊ لاءِ صلاحڪارن، عملدارن يا ٻئي اسٽاف جو شيڊول منظور ڪري سگهي ٿي.

باب -VII

پاڻيءَ جي فراهمي ۽ اسڪيمن تي عملدرآمد

9. (1) بورڊ پيئڻ جي پاڻي جي ججهي مقدار ۾ حاصلات ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ان جي ورهاست لاءِ ذميدار هوندو.

(2) بورڊ اها پڪ ڪرائيندو ته ان طرفان فراهم ڪيل پاڻي مڪمل طور فلٽر ڪيل، ٽريٽيڊ ۽ چڪاس ڪيل آهي ۽ اهو انساني واهپي لاءِ موزون آهي.

(3) بورڊ پنهنجي دائره اختيار وارن علائقن ۾ پاڻي جي ورهاست جو انتظام ڪندو سواءِ انهن علائقن جي جيڪي ڪانسٽيٽيوٽ بادين کان پاڻي حاصل ڪندا هجن.

(4) بورڊ پاڻيءَ جي دستيابيءَ مطابق ڪنهن شخص يا اٿارٽي کي هن ايڪٽ تحت ڇاڻايل علائقي يا

علائقن ۾ پاڻي فراهم ڪري سگهي ٿو.
(5) بورڊ ڪانسٽيٽيوٽ بادين کي ججهي مقدار ۾ پاڻي جي فراهمي اهڙن اگهن ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جاري رکندو جيئن بورڊ طئي ڪري.
(6) چيئرمين يا ان جي نامزد ڪيل، ڪمشنر ڪراچي ڊويزن ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر تي ٻڌل اسٽينڊنگ ڪميٽي هر ڪانسٽيٽيوٽ بادي کي فراهم ٿيندڙ پاڻي جي مقدار جي نشاندهي ڪندي ۽ طئي ڪندي؛
بشرطيڪ جيستائين اهڙا شرطون ۽ ضابطا جوڙيا وڃن يا پاڻيءَ جو مقدار طئي ڪيو وڃي، بورڊ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ جيترو فوري طور تي موجود انتظامن جي حساب سان ججهي مقدار ۾ پاڻي جي فراهمي جاري رکندو.
(7) جيڪڏهن بورڊ اسٽينڊنگ ڪميٽي جو فيصلو نه مڃي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر معاملو جوڳن حڪمن لاءِ حڪومت ڏانهن اماڻيندو ۽ حڪومت طرفان جاري ڪيل حڪمن تي بورڊ طرفان عمل ڪيو ويندو.
وضاحت: اصطلاح "ڪانسٽيٽيونٽ بادين" جو مطلب هوندو ۽ ان ۾ شامل هوندا اٿارٽي، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ، ڪنٽونمينٽ بورڊ آف ڪراچي، سنڌ انڊسٽريل اينڊ ٽريڊنگ اسٽيٽ ڪراچي، پاڪستان اسٽيل ملس ڪارپوريشن، ڊفينس سروسز يا ٻي ڪا بادي يا آرگنائيزيشن جيڪا حڪومت طرفان ڄاڻائي وئي هجي.
(8) جيستائين ٻي صورت ۾ حڪومت طرفان ڄاڻايو نه وڃي، ان وقت تائين اٿارٽي حب ڊيم جي پاڻي جي فراهمي گريٽر ڪراچي جي اسٽيج I ۽ فيز بلڪ واٽر سپلاءِ اسٽيج فيز I ۽ فيز IV کي سيوريج

ڊسپوزل پروجيڪٽس تحت فراهمي جاري رکندو.
(9) بورڊ يا ان طرفان بااختيار بڻايل شخص کي نالين، پائيپ لائينس ۽ مين لائينس، نالين، سيورس يا پائيپن، مٽان، هيٺان، مان يا کان ڪنهن به غير منقوله ملڪيت جي، بنا اهڙي ملڪيت حاصل ڪرڻ جي، ۽ اهڙي ملڪيت ۾ جاچ، مرمت، تبديلي يا ڪنهن نالي، پائيپ يا لائينس آف مينس، سيورس يا پائيپن کي هٽائڻ جي مقصد لاءِ داخل ٿيڻ جو حق حاصل هوندو؛
بشرطيڪ بورڊ، سواءِ ٻي صورت ۾ جيئن هن ايڪٽ تحت گهربل آهي، مٽي چاڻايل حق کانسواءِ ٻيو ڪو حق حاصل ڪري سگهي ٿو.
(10) ذيلي دفعه (1) تحت مليل حق وفاقي يا صوبائي حڪومت يا ڪنهن لوڪل اٿارٽي يا ريلوي انتظاميا جي ضابطي ۽ انتظام هيٺ ملڪيت جي سلسلي ۾ استعمال جوڳو نه هوندو، سواءِ اهڙي حڪومت يا لوڪل اٿارٽي يا ريلوي انتظاميا کان اڳواٽ اجازت جي.
بشرطيڪ اهڙي اجازت ضروري نه هوندي جيڪڏهن ڪا مرمت، تبديلي، هٽائڻ يا ڪنيڪشن جي سڌاري پاڻي ۽ سينيٽيشن جي ڪمن سان لاڳاپيل جو ڪم هوندو ته جيئن سروس بنا رنڊڪ جي جاري رکي سگهجي يا ڪنهن انساني زندگي يا ملڪيت کي نقصان کان بچائي سگهجي.
(11) بورڊ يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص، جڏهن هن دفعه تحت حق جو استعمال ڪري رهيو هوندو، جيترو ٿي سگهي گهٽ نقصان ۽ تڪليف ڏيندو؛ ۽ جيڪڏهن ڪو نقصان يا تڪليف واقعي پهچي، ان جو جوڳو معاوضو بورڊ يا ان طرفان مقرر ڪيل شخص طرفان ان سلسلي ۾ طئي ڪيو ويندو،

جيڪو اهڙي نقصان يا تڪليف عيوض ڏنو ويندو.

باب -VIII

ماليات

10. (1) حڪومت طرفان بورڊ لاءِ هڪ ڏار فنڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج فنڊ سڏيو ويندو.

(2) ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن فنڊ کي ايتري رقم ڏيندي جيڪا حڪومت طئي ڪندي پر اها رقم ڪارپوريشن جي ڪل سالياني روينيو انڪم جي 10 سيڪڙو کان وڌيڪ نه هوندي، بشرطيڪ حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڪارپوريشن طرفان واجب الادا رقم تبديل ڪري سگهي ٿي.

(3) فنڊ ۾ شامل هوندو:

(a) بورڊ کي واجب الادا پاڻي ۽ سيوريج جا چارجز، ريٽس يا فيس؛

(b) بورڊ کي ڏنل گرانٽس ۽ امداد؛

(c) بورڊ لاءِ گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(d) ٻيون سموريون رقمون جيڪي بورڊ طرفان حاصل ڪيون ويندیون.

(4) فنڊ بورڊ طرفان هلايو ويندو.

(5) فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون اهڙين بئنڪن ۾ رکيون ويندیون جيڪي حڪومت طرفان منظور ٿيل هونديون.

(6) فنڊ بورڊ طرفان ڪنهن وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ٿيل ڪنهن ٻي سڪيورٽي ۾ سيڙاپو ڪري سگهبو.

(7) بورڊ جو اڪائونٽ ۽ رڪارڊ ايئن سنڀاليو ويندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(8) بورڊ جي اڪائونٽس جي ساليانو مالي سال جي ختم ٿيڻ کان ڇهه مهينا اڳ آڊيٽر جنرل آف پاڪستان يا ان جي نمائندي طرفان آڊٽ ڪئي ويندي.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

(9) بورڊ جي ڪمائي ۽ خرچ جي پري آڊٽ ميونسپل فنڊ (آڊٽ رولز)، 1964 تحت لوڪل فنڊ آڊٽ ڊپارٽمينٽ جي آڊيٽرس طرفان ڪئي ويندي.

(10) آڊٽ ٿيل اڪائونٽس جو اسٽيٽمينٽ، آڊٽ رپورٽ سان گڏ مئنيجنگ ڊائريڪٽر طرفان حڪومت کي پيش ڪيو ويندو، ۽ جيڪڏهن ان سلسلي ۾ حڪم جاري ڪيا وڃن، بورڊ اهڙن حڪمن تي عملدرآمد ڪندو.

باب -IX

بورڊ جا ملازم

11.(1) آسامين تي مقرري منظور ڪيل شيڊول موجب ڪئي ويندي يا اهڙي طريقي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

اپيل
Appeal

(2) موجود ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جا ملازم بشمول ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ۽ ڪراچي واٽر مئنيجمينٽ بورڊ ۽ بورڊ ۾ ضم ڪيل ملازم ۽ بورڊ ۾ ڪم ڪندڙ ملازم نئين جوڙيل بورڊ ۾ ملازمت لاءِ بدلي ڪيا ويندا جيئن حڪومت هدايت ڪري ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو وڃي:

ڏنڊ
Penalty

بشرطيڪ اهڙيون شرطون ۽ ضابطا تبادلي کان اڳ ڏنل سهولتون کان گهٽ فائديمند نه هوندا:

بشرطيڪ وڏيڪ ته اهڙيءَ ريت بدلي ڪيل ملازم، جيستائين هن ايڪٽ تحت سندن خدمت جا شرطون ۽ ضابطا طئي نه ڪيا وڃن، ساڳين شرطن ۽ ضابطن

تحت هلايا ويندا جيڪي انهن کي اهڙي تبادلي کان اڳ ڏنا ويندا هئا.

(3) پينشن، گريچوئٽي ۽ ٻيا خدمتن جا فائدا جيڪي ملازمن کي ذيلي دفعه (2) تحت مليل آهن، جيڪي رٽائر ٿي ويا آهن يا هن ايڪٽ جي لاڳو کان اڳ فوت ٿي ويا آهن، نئين بورڊ جي ذميواري هوندا.

باب -X

متفرقات

12. (1) بورڊ جا سمورا فيصلا ان جي گڏجاڻين ۾ اڪثريت راءِ سان ڪيا ويندا.

(2) بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙي طريقي ۽ اهڙي وقت تي ۽ اهڙي هنڌ تي ڪوٺايون ويندیون، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين ضابطا ناهن جوڙيا ويا، گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون ويندیون، جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

(3) بورڊ ۾ ڪنهن خالي آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب بورڊ جا ڪي به قدم يا ڪارروايون غير موثر نه هوندا.

(4) بورڊ عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بورڊ چاهي، پنهنجا اختيار يا ڪم چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ان جي عملدارن يا ملازمن کي مڙهي يا منتقل ڪري سگهي ٿو.

13. (1) اپيل ڪري سگهبي:

(a) حڪومت کي بورڊ يا چيئرمين جي فيصلي خلاف؛

قاعدا Rules ضابطا

(b) چيئرمين کي مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ڪنهن ٻئي چيئرمين جي ماتحت عملدار جي فيصلي خلاف.

(2) اپيل يا نظرثاني جي پٽيشن ٻڌي ويندي ۽ اهڙي

طريقي نيڪال ڪئي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

Regulations

14. جتي ڪو شخص:

(a) ڇاڻي واڻي ڪنهن لائين يا ڪنهن ڪم جي سيٽنگ خراب ڪري ٿو، يا ڇڪي ڪڍي ٿو يا ڪنهن ٽنپي، پوسٽ يا گرائونڊ ۾ ڪٽل ڪنهن سهاري کي اهڙي ڪم جي لائين جي سيٽنگ خراب ڪرڻ جي مقصد کان هٽائي ٿو يا اهڙن مقصدن لاءِ ڪن ڪمن جي شڪل خراب ڪري ٿو يا نقصان پهچائي ٿو؛ يا

(b) ڇاڻي واڻي يا اڻجاڻائي ۾ حڪومت سان لاڳاپيل ڪنهن تالي، ڊاڪ ويليو، پائيپ يا پاڻي يا سيوريج ڪمن کي ٽوڙي ٿو، نقصان پهچائي ٿو يا کولي ڇڏي ٿو؛ يا

(c) ڇاڻي واڻي وهائي ٿو، حڪومت سان لاڳاپيل ڪنهن پاڻي جي ڪمن مان پاڻي ڪڍي ٿو، منتقل ڪري ٿو يا ڪڍي ٿو يا پاڻي جيڪو اهڙن ڪمن کي فراهم ڪيو وڃي ٿو؛ يا

ضمانت
Indemnity

(d) غير قانوني طور حڪومت طرفان سنڀاليل پاڻي ۽ سيوريج ڪمن جي لائينن تي بجلي جي فراهمي ٽوڙي ٿو يا نقصان پهچائي ٿو؛ يا

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

(e) بورڊ جي ڪنهن عملدار يا ملازم کي هن ايڪٽ تحت ذميواريون نڀائڻ کان روڪي ٿو يا منع ڪري ٿو يا ڇاڻي واڻي سندس درخواست تي فراهم ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو، ڪنهن پاڻي يا سيوريج ڪمن جي ڪنهن داخلا، جاچ پڙتال، چڪاس ۽ انڪوائري تائين ضروري پهچ ڏيڻ کان روڪي ٿو؛ يا

منسوخي

(f) ڪنهن پاڻي جي ٽينڊڙ ڪمن هنڌن ۾، تي يا مٿان وهنجي ٿو، ڌوئي ٿو يا اڇلائي ٿو يا ان ۾ ڪي جانور داخل ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو يا ڪو گند ڪچرو

Repeal

اچلائي ٿو يا منع ڪيل گندو ڪنهن پاڻي جي ڪم واري هنڌ اچلائي ٿو يا ڪو ڪپڙو، وول، چمڙو يا چمڙي يا ڪو جانور ڏوئي ٿو يا صاف ڪري ٿو يا ڪنهن پاڻي جي ڪمن ۾ سم، سيور يا نالي يا ڪا اسٽيم انجڻ، بوائلر يا ڪو خراب پاڻي داخل ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو يا ڪو اهڙو ٻيو ڪم ڪري ٿو جنهن سان پاڻي جو ڪم خراب ٿئي ٿو، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌي سگهي ٿو، جنهن جو ڏنڊ ڏهه هزار رپين کان وڌي سگهي ٿو، يا ٻئي گڏ.

15. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

16. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب بورڊ، حڪومت جي منظوري سان، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪن ٿا:

(i) بورڊ جون گڏجاڻيون ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ ڪنڊڪٽ آف بزنس؛

(ii) پاڻي ۽ سيوريج ڪنيڪشنز لاءِ درخواست ڏيڻ جو طريقيڪار بشمول ان سلسلي ۾ درخواست ڏيڻ لاءِ في جي ادائگي؛

(iii) پرائيويٽ سيورس، واٽر ڪنيڪشنز، سروس لائينس بشمول اندروني فٽنگس جو انتظام، ضابطو ۽ جاچ پڙتال؛

(iv) پاڻي جي فراهمي ۽ سيوريج خدمت لاءِ ريٽس، فيس يا چارجز لڳائڻ ۽ جمع ڪرڻ جو طريقيڪار ۽ ان سلسلي ۾ ادائگي ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ سرچارج مڙهڻ؛

(v) هن ايڪٽ تحت لائسنس جاري ڪرڻ ۽ اجازت ناما؛
(vi) ڪو ٻيو معاملو جيڪو هن ايڪٽ تحت ضابطن ۾ بيان ڪرڻ ضروري هجي.
17. هن ايڪٽ يا قاعدن ۽ ضابطن موجب سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي حڪومت، بورڊ يا ڪنهن ميمبر، عملدار يا بورڊ جي ملازم خلاف نه ٿيندو؛
18. جتي هن ايڪٽ جي گنجائشن جي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ڪا رنڊڪ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي ٻارنهن مهينن دوران پيش اچي ٿي، حڪومت اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي.
19. هن ايڪٽ جون گنجائشون موثر هونديون جيستائين ڪجهه سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي.
20. (1) 1979 جي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس جي باب XVI ۾ شامل دفعات 121 کان 147 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.
(2) جيستائين مٿي ڄاڻايل منسوخ نه ڪيو وڃي:
(i) سموريون ملڪيتون، منقوله ۽ غير منقوله، بشمول سمورن پاڻي جي ڪمن جي ۽ موجود ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ (جنهن کي هن کان پوءِ پراڻو بورڊ سڏيو ويندو) پاران لڳايل پاڻي جي ڪمن جي اهي نئين بورڊ ۾ شامل ٿي ويندا.
(ii) پراڻي بورڊ ڏانهن واجب الادا سموريون رقمون نئين بورڊ کي ادا ڪيون ويندیون ۽ نئين بورڊ طرفان وصولي لائق هونديون.

(iii)پراڻي بورڊ طرفان حاصل ڪيل سمورا قرض ۽ اثاثا نئين بورڊ جي ذميواري هوندا؛

(iv) سمورا ٺيڪا جن ۾ پراڻو بورڊ داخل ٿيو هجي يا حاصل ڪيل سمورا حق، انهن ۾ نئين بورڊ کي داخل ٿيل، يا نئين بورڊ طرفان حاصل ڪيل سمجهيو ويندو؛

(v) ڪيل سڀ ڪجهه، جاري ڪيل حڪم، منتقل ڪيل اختيار، ڏنل منظوري، مقرر ڪيل ماڻهو، پاڻي جون اوڳاڙيل چارجز ۽ سرچارجز، پراڻي بورڊ طرفان ڪنيل قدم، جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه اچن، لاڳو رهندا ۽ ڪيل، جاري ڪيل، منتقل ڪيل، مقرر ڪيل، اوڳاريل، ڪنيل، حوالي ڪيل يا هن ايڪٽ تحت ڪيل سمجهيا ويندا.

(vi) پراڻي بورڊ طرفان يا ان خلاف سمورا مقدما يا قانوني ڪارروايون هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ نئين بورڊ طرفان يا ان خلاف جاري رهندا.

گردان **"A"**

(ڏسو دفعه 5)

بورڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا مالياتي اختيار.

جريان نمبر	اختيار جو قسم	اختيار جي حد
1.	ڪمن جي سلسلي ۾ ٽيڪنيڪل سينڪشن	مڪمل اختيار
2.	ٺيڪي ذريعي ڪمن لاءِ ٽينڊر جاري ڪرڻ ۽ منظور ڪرڻ	25.0 لک رپين تائين
3.	جاري ڪيل ڪاٽن جي سلسلي ۾ رقم جي منظوري	5 سيڪڙو تائين
4.	خريداري جا اختيار	2.5 لک رپين

		تائين
.5	خرچ	مڪمل اختيار
.6	ايمرجنسي ورڪس	جيئن سي پي ڊبليو ڊي ڪوڊ جي پيرا 58 ۾ مهيا ڪيو ويو آهي

گردان **"B"**

(ڏسو دفعه 6)

بورڊ جي چيئرمين جا مالي اختيار.

جريان نمبر	اختيار جو قسم	اختيار جي حد
.1	ٽيڪي ذريعي ڪمن لاءِ ٽينڊر جاري ڪرڻ ۽ منظور ڪرڻ	50.00 لک رپين تائين
.2	جاري ڪيل ڪاٿن جي سلسلي ۾ رقم جي منظوري	10 سيڪڙو تائين
.3	خريداري جا اختيار	5.0 لک رپين تائين
.4	روزمره جو خرچ	مڪمل اختيار
.5	ايمرجنسي ورڪس	دفعه 6(1)(c)

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.